# محرم جا فضائل

پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)

ترجمو: مجلس تراجم (دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفکربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: فيضانِ مُحرّم الحرام
ڇاپو پهريون: ذي القعدة الحرام 1441هہ، جون 2020ع
تعداد:
ڇپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# فيضانِ محرم الحرام

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

# فيضانِ مُحرّمُ الْحَرام

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلد نجات ماڻڻ وارو شخص اهو هوندو جنهن توهان مان مون تي دنيا ۾ ڪثرت سان دورودشريف پڙهيا هوندا. (مسند الفردوس، ج5 ص277، حديث8175، دارالڪتب العلميه بيروت)

اُف وہ رہِ سنگلاخ، آہ! یہ پا شاخ شاخ
اے مرے مشکل کشا! تم پہ کروڑوں درود
(حدائق بخشش و ۲۶۶)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عاشوراء جي خيرات جون برڪتون

عاشوراء (يعني ڏهه محرم الحرام) جي ڏينهن ملڪ "ري" ۾ قاضي وٽ هڪ فقير(Poor) اچي عرض ڪيو: مان هڪ نهايت غريب ۽ عيالدار ماڻهو آهيان اوهان ڪي عاشوراء جي ڏينهن جو واسطو! منهنجي لاءِ ڏهه ڪلو اٽو، پنج ڪلو گوشت ۽ ٻن درهمن جو انتظام فرمايو. قاضي صاحب ظهر ڪانپوءِ اچڻ جو چيو. جڏهن فقير مقرر

وقت تي آيو تہ عصر ۾ اچڻ جو چئي موٽائي ڇڏيو. اهو عصر کان پوءِ پهتو تڏهن بہ ڪجهہ نہ ڏنو هٿين خالي موٽائي ڇڏيو. فقير جي دل ٽٽي پئي. اهو رنجيده ٿي هڪ غير مسلم وٽ پهتو ۽ ان کي چيائين: اڄ جي مقدس ڏينهن جي صدقي مون کي ڪجهہ ڏئي ڇڏيو. ان پڇيو: اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي؟ تہ فقير عاشوري جا ڪجهہ فضائل بيان ڪيا. جنهن کي ٻڌي ان چيو: تو نهايت ئي عظمت واري ڏينهن جو واسطو ڏنو آهي، پنهنجي ضرورت بيان ڪيو. فقير ان سان بہ اهائي ضرورت بيان ڪئي. اُن شخص ڏھ ٻوريون اناج، سؤ ڪلو گوشت ۽ 20 درهم ڏيندي چيو: هي تنهنجي اهل و عيال جي لاءِ سڄي زندگي هر مهيني هن ڏينهن جي فضيلت ۽ عظمت جي واسطي مقرر آهي. رات جو قاضي صاحب خواب ڏٺو تہ ڪوئي چئي رهيو آهي نظر کڻي ڏس! جڏهن نظر کڻي ڏٺائين تہ ٻہ عاليشان محل نظر آيا، هڪ چاندي ۽ سون جي سِرن جو ۽ ٻيو سرخ ياقوت جو هو. قاضيءَ پڇيو: هي ٻئي محل ڪنهن جا آهن؟ جواب مليو؟ جيڪڏهن تون سائل جي ضرورت پوري ڪرين ها تہ هي توکي ملن ها پر تو ان کي هٿين خالي موٽائي ڇڏيو هو ان ڪري هاڻي هي ٻئي محل غير مُسلم لاءِ آهن. قاضي صاحب بيدار ٿيو تہ گهڻو پريشان هو. صبح ٿي تہ غير مُسلم ڏانهن ويو ۽ ان کان پڇيائين: ڪالهہ تو ڪهڙي "نيڪي" ڪئي آهي؟ ان پڇيو: اوهان کي ڪيئن خبر پئي؟ قاضي صاحب پنهنجو خواب ٻڌايو ۽ گڏوگڏ هڪ آڇ بہ ڪئي تہ مونکان هڪ لک درهم وٺو ۽ ڪالهہ واري"نيڪي" مون کي ڏئي ڇڏيو. ان غيرمُسلم چيو: مان سڄي زمين جي دولت وٺي بہ ان کي نہ وڪڻندس، الله پاڪ جي رحمت ۽ عنايت تمام گهڻي آهي. ايترو

چوڻ ڪانپوءِ ڪلمو پڙهي مُسلمان ٿي ويو. (روض الرياحين ص 275، دارالڪتب العلميه بيروت)

## ”محرم“ چوڻ جو سبب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو: اسلامي سال جو پهريون مهينو مُحرّم آهي هن مبارڪ مهيني جي حُرمت (يعني تعظيم) جي ڪري ان کي ”مُحرّم“ جو نالو ڏنو ويو آهي. (تفسير ابن ڪثير، توبه، تحت الآية:36 جلد4 ص 128، دارالڪتب العلميه بيروت) الله پاڪ اسلامي سال جو آغاز مُحرّم الحرام جي بابرڪت مهيني کان فرمايو ۽ اسان کي هن ۾ اجر و ثواب ۽ خيروبرڪت جا ڪثير مواقع عنايت فرمايا. مؤمن ٻانهي جي لاءِ پنهنجو پسنديده ٻانهو بڻجڻ جون راهون کولي ڇڏيون ته جيئن سال جي شروع ٿيڻ کان ئي ٻانهو پنهنجي ربّ جي ويجهو ٿي وڃي ۽ توبه ڪري ته ان جا گناه بخشجي وڃن. نيڪين جو اثر ٻانهي تي سال جي اختتام تائين رهي. ايسيتائين جو سال جو آخري مهينو ذوالحجة الحرام به عبادت ۾ گذري، اُميد آهي ته هن جي لاءِ پوري سال جي اطاعت لکي وڃي ڇوته جنهن جي عمل جي ابتداء ۽ انتهاء عبادت تي هجي اهو ان حڪم ۾ آهي جيڪو ٻنهي وقتن جي درميان به عبادت ۾ ئي لڳل رهيو هجي. (لطائف المعارف ص36، المڪتبة العصريه بيروت)

عبادت میں گزرے مرے زندگانی کرم ہو کرم یاخدا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مُحرم الحرام جا 2 فضائل

(2) هڪ شخص حضور نبي اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر

تيو ۽ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! رمضان کان علاوه ڪھڙي مھيني ۾ روزا رکان؟ ارشاد فرمايائون: جيڪڏھن توھان ڪي رمضان کانپوءِ ڪنھن مھيني جا روزا رکڻا ھجن تہ محرّم جا روزا رکو جو ھيءُ الله پاڪ جو مھينو آھي. ان مھيني ۾ ھڪ ڏينھن آھي جنھن ۾ الله پاڪ ھڪ قوم جي توبہ قبول فرمائي ۽ ٻين جي بہ توبہ قبول فرمائيندو. (مسند امام احمد، جلد1 ص3227،حديث1334، دارالفڪر بيروت) (2) نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ماهِ رمضان کان پوءِ افضل روزا الله پاڪ جي مھيني محرم جا روزا آھن ۽ فرض نماز کانپوءِ سڀ کان افضل نماز رات جي نماز آھي. (مسلم شريف ص 456، حديث:2755، دارالڪتاب العربي بيروت)

## محرم جي پھرين عشري جي عظمت

حضرت سيدنا ابو عثمان نھدي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: صحابہ ڪرام ٽن عشرن جي تعظيم ڪندا ھا. (1) رمضان المبارڪ جو آخري عشرو(2) ذوالحج جو پھريون عشرو (3) محرّم الحرام جو پھريون عشرو. (لطائف المعارف ص36)

## يوم عاشوراء

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ھن مبارڪ مھيني ۾ 10 محرّمُ الحرام کي خصوصي اھميت حاصل آھي، ھن کي يومِ عاشوراء جي نالي سان سُڃاتو وڃي ٿو. 10 محرّمُ الحرام کي عاشوراء چوڻ جو سبب اھو بہ آھي تہ ان ڏينھن الله پاڪ 10 انبياءِ ڪرام کي اعزاز و اڪرام سان نوازيو.

## يوم عاشوراء جون مبارڪ نسبتون

يوم عاشورا کي انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام سان خصوصي نسبت حاصل آهي: (1) 10 محرم الحرام عاشوراء جي ڏينهن حضرت سيّدنا آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي توبہ قبول ڪئي وئي. (2) انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدنا ابراهيم خليل الله عَلَيۡهِ السَّلَام پيدا ٿيا (3) انهيءَ ڏينهن حضرت سيدنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي مدد ڪئي وئي ۽ فرعون ۽ ان جا پيروڪار هلاڪ ڪيا ويا. (4) انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدنا عيسيٰ روح الله عَلَيۡهِ السَّلَام جي ولادت ٿي ۽ انهيءَ ڏينهن ان کي آسمانن ڏانهن کنيو ويو. (5) انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدنا نوح عَلَيۡهِ السَّلَام جي ٻيڙي جودي پهاڙ تي رُڪي. (6) عاشوراء جي ڏينهن ئي حضرت سيّدنا سُليمان عَلَيۡهِ السَّلَام کي بادشاهت عطا ٿي. (7) انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدنا يونُس عَلَيۡهِ السَّلَام کي مڇيءَ جي پيٽ مان نجات ملي. (8) انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدنا يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام جي بينائي جي ڪمزوري دور ٿي. (9) انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدنا يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام کي کوهہ مان ڪڍيو ويو. (10) انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدنا ايوب عَلَيۡهِ السَّلَام جي آزمائش دور ٿي. (11) عاشوراء جي ڏينهن ئي حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام جي توبہ قبول ٿي.(12) انهيءَ ڏينهن حضرت ادريس عَلَيۡهِ السَّلَام کي آسمان تي کنيو ويو. (عمدة القاري ج8 ص 233، دارالفڪر بيروت)

## عيد جو ڏينهن

هي ڏينهن بني اسرائيل جي عيد جو ڏينهن هو. روايت آهي تہ حضرت سيّدنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام عاشوراء جي ڏينهن ڪتّان جا ڪپڙا پهريندا ها ۽ اِثمِد سرمو پائيندا ها. (لطائفِ المعارف ص 57)

## عهد رسالت ۾ يوم عاشورا

جاهليت جي دور ۾ قريش جا ماڻهو يومِ عاشوراء جو روزو رکندا هئا، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ ان ڏينهن جو روزو رکندا هئا. (بخاري ج1 ص656،حديث:2002، دارالڪتب العلميه بيروت) ۽ انهيءَ ڏينهن ڪعبةُ الله شريف جو غلاف تبديل ڪيو ويندو هو.

خيبر ۾ مديني منوره ۾ يهودين جي تمام وڏي تعداد آباد هئي، جوته انهن جو تعلق بني اسرائيل سان هو ۽ بني اسرائيل عاشوراء ئي جي ڏينهن فرعون کان نجات حاصل ڪئي هئي تنهنڪري ان ڏينهن کي بطور عيد ملهائيندا ها ۽ روزو رکندا هئا.(لطائفِ معارف ص 57_58 ملخصاً)

جڏهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مدينةُ المنوّره ۾ تشريف ڪٺي آيا، يهودين کي عاشوراء جي ڏينهن روزي دار ڏٺو ته ارشاد فرمايائون: "هي ڪهڙو ڏينهن آهي جو توهان روزو رکو ٿا؟" عرض ڪيو، هي عظمت وارو ڏينهن آهي، جو هن ۾ موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام ۽ ان جي قوم کي الله تعالٰي نجات ڏني ۽ فرعون ۽ ان جي قوم کي ٻوڙي ڇڏيو. ان جي ڪري حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام شڪراني طور ان ڏينهن جو روزو رکيو، ته اسان به روزو رکندا آهيون. ارشاد فرمايائون موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي موافقت ڪرڻ ۾ توهان جي نسبت اسان گهڻا حقدار ۽ گهڻا ويجها آهيون" ته پوءِ حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ به روزو رکيو ۽ ان جو حڪم به ڏنو. (مسلم شريف ص441 حديث 2658)

## عاشوراء جو روزو فرض هو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ابتداء ۾ عاشوراء جو روزو مُسلمانن تي فرض هو پوءِ رمضان جي روزن سبب ان جي فرضيت منسوخ ٿي وئي. (مرأة المناجيح ج3 ص180، ضياءالقرآن پبلي ڪيشنز لاهور) هاڻي عاشوراء جو روزو رکڻ فرض ناهي پر ان ڏينهن جو روزو رکڻ واري جي لاءِ وڏو ثواب آهي.

۾ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) "مونکي الله پاڪ تي گمان(يعني يقين) آهي ته عاشوراء جو روزو هڪ سال پهريان جا گناه مٽائي

چڏيندو آهي. (مسلم شريف ص 454 حديث:2746) (2) عاشوراء جو روزو هڪ سال جي روزن جي برابر آهي. (مسند احمد ج1 ص 518، حديث:2154)

## هڪ ڏينهن پهريان يا هڪ ڏينهن بعد

مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: عاشوراء جي ڏينهن جو روزو رکو ۽ ان ۾ يهودين جي مخالفت ڪريو، عاشوراء جي ڏينهن کان پهريان يا بعد ۾ هڪ ڏينهن جو روزو رکو. (مسند احمد ج1 ص518 حديث:2154)

صحابي ابن صحابي حضرت سيّدُنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُما فرمائن ٿا: مون نبيءِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عاشوراء جي ڏينهن جي روزي ۽ رمضان جي مهيني جي روزي کانسواءِ ڪنهن به ڏينهن جي روزي ۽ ڏينهن تي فضيلت ڏئي جستجو فرمائيندي نه ڏٺو. (بخاري ج1 ص657،حديث:2006)

## عاشوراء جو روزو مغفرت جو سبب بڻجي ويو

هڪ عالم صاحب کي خواب ۾ ڏٺو ويو، ڏسڻ واري حال پڇيو، فرمايو: 60 سالن تائين عاشوراء جو روزو رکڻ جي برڪت سان منهنجي مغفرت ٿي وئي. هڪ روايت ۾ آهي ته عاشوراء ۽ هڪ ڏينهن پهريان ۽ بعد جو روزو رکڻ جي برڪت سان مغفرت ٿي وئي. (لطائف المعارف ص 57)

## يوم عاشوراء جو احترام جانور بہ ڪندا آهن

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عاشوراء اهڙو ته مبارڪ ڏينهن آهي جو انسان ته انسان پکي پکڻ ايسيتائين جو وحشي جانور بہ ان جو احترام ڪندا آهن ۽ ان ڏينهن جي تعظيم ڪندي روزو بہ رکندا آهن.

بُزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جا ڪجهه اکين ڏٺا واقعا، تجربا ۽ ارشاد پڙهو:
(1) عظيم تابعي بزرگ حضرت سيّدنا قيس بن عباد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن

ٿا: مون وٽ اها ڳالھ پهتي آهي تہ وحشي جانور ڏھ محرم تي روزا رکندا آهن. (لطائف المعارف57)

(2) حضرت سيّدنا فتح بن شخرف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان ڪيوِلين کي ماني جا ٽڪڙا پُوري ڏيندو هيس، جڏهن ڏھ مُحرّم جو ڏينهن ايندو هيو تہ ڪيوِليون ان کي ڪونہ کائيندیون هيون. (لطائف المعارف57)

(3) حضرت ابو الحسن علي بن عمر قزويني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڏھ محرم تي ڪيوِليون بہ روزو رکنديون آهن. (مجموع فيه رسائل للحافظ ناصرالدين ص74) (4) عباسي خليفو اَلْقَادِرُ بِاللّٰه کان بہ اهو ئي واقعو پيش آيو تہ حيران ٿي ويا، ان حضرت سيدنا ابو الحسن قزويني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان هن بابت پڇيو تہ انهن فرمايو: 10 محرم جي ڏينهن ڪيوِليون روزو رکنديون آهن. (لطائف المعارف57) (5) حضرت علامہ ابنِ ناصر الدّين دِمشقي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (وفات:842 ھ) لکن ٿا: 10 محرمُ الحرام تي هڪ شخص ڳوٺ آيو، ماڻهو ان وقت جانور ذبح ڪري رهيا هئا، ان سبب پڇو تہ ڳوٺ وارن ٻڌايو:”اڄ وحشي جانور روزي سان آهن، اسان سان گڏ هلو اسان توهان کي ڏيکاريون ٿا.“ اهي ان ماڻهوءَ کي هڪ باغ ۾ وٺي ويا اُتي بيهاري ڇڏيو ان جو چوڻ آهي تہ عصر کان پوءِ هر پاسي کان وحشي جانور اچڻ لڳا ۽ باغ کي گهيري ورتو. انهن جا مٿا آسمان ڏانهن بلند هئا، ڪنهن هڪ جانور بہ (ان گوشت مان) ٿورو بہ نہ کاڌو، جيئن ئي سج لٿو اهي وحشي جانور گوشت تي ٽٽي پيا ۽ جلدي مان سڀ ڪجھ چٽ ڪري ڇڏيائون. (مجموع رسائل للحافظ ناصرالدين 74)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## چنڊ جي پهرين رات جي دُعا

تي سگهي تہ هر مهيني چنڊ جي پهرين رات اِها دُعا پڙهو ڇوتہ جڏهن حضوراکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چنڊ ڏسندا ها تہ هي دعا پڙهندا هئا: اَللّٰهُمَّ اَهِلَّهُ عَلَيْنَا بِالْيُمْنِ وَالْاِيْمَانِ وَالسَّلَامَةِ وَالْاِسْلَامِ رَبِّيْ وَرَبُّكَ الله ترجمو: اي الله پاڪ! هن چنڊ کي اسان تي برڪت، ايمان، سلامتي ۽ اسلام سان طلوع فرماءِ. منهنجو ۽ تنهنجو ربّ الله آهي. (ترمذي شريف ج5 ص281، حديث:3462 دارالفڪر بيروت)

## نئين سال ۽ مهيني جي دُعا

حضرت سيدنا عبدالله بن هشام رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: نئين سال يا مهيني جي آمد تي صحابہ ڪرام(رَضِيَ اللهُ عَنْهُم) هڪ ٻئي کي هي دعا سيکاريندا هئا: اَللّٰهُمَّ اَدْخِلْهُ عَلَيْنَا بِالْاَمْنِ وَالْاِيْمَانِ وَالسَّلَامَةِ وَالْاِسْلَامِ وَرِضْوَانٍ مِّنَ الرَّحْمٰنِ وَجَوَازٍ مِّنَ الشَّيْطَانِ. ترجمو: اي الله پاڪ! هن کي اسان جي لاءِ امن ۽ ايمان، سلامتي ۽ اسلام ۽ پنهنجي رضامندي وارو ۽ شيطان کان بچائڻ وارو بڻاءِ. (معجم اوسط ج4 ص360، حديث:6241، دارالڪتب العلميہ بيروت)

## تمام تڪليفن ۽ آفتن کان حفاظت

حضرت شاه ڪليم الله شاه جهان آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو 12 ڀيرا هي دعا

سُبْحٰنَ اللّٰهِ مِلْءَ الْمِيْزَانِ وَ مُنْتَهَى الْعِلْمِ وَ مَبْلَغَ الرِّضَا وَزِنَةَ الْعَرْشِ لَا مَلْجَاءَ وَلَا مَنْجَا مِنَ اللّٰهِ اِلَّا اِلَيْهِ. سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَدَدَ الشَّفْعِ وَالْوَتْرِ وَعَدَدَ كَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّآمَّاتِ كُلِّهَا اَسْاَلُهُ

السَّلَامَةَ بِرَحْمَتِهٖ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ وَهُوَ حَسْبِيْ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ نِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى خَيْرِ خَلْقِهٖ مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْن

(ترجمو: ميزان جي پرجھڻ، علم جي انتها، ڪُل رضا ۽ عرش وزن جي برابر الله جي پاڪي آهي. پناهه گاهه ۽ مقامِ نجات الله جي ئي طرفان آهي. هر ٻڏي ۽ اِڪي ۽ الله پاڪ جي تمام ڪامل ڪلمن جي برابر ان جي پاڪي آهي. مان الله پاڪ کان سلامتي ۽ رحمت جو سوال ڪريان ٿو ۽ گناهه کان بچڻ جي قوت ۽ نيڪي ڪرڻ جي طاقت الله جي ئي طرفان آهي ۽ الله ڪافي آهي ۽ ڪهڙو نه چڱو ڪارساز آهي ۽ ڪهڙو نه چڱو والي ۽ ڪهڙو نه چڱو مددگار آهي. الله پاڪ جي رحمت هجي پنهنجي مخلوق ۾ سڀ کان بهتر محمد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي، ان جي آل تي ۽ تمام صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡهُم تي) **پڙهي پاڻي تي دم ڪري پي وڃي، تمام تڪليفن ۽ آفتن کان الله پاڪ جي حفاظت ۾ رهندو.**

(مرقع ڪليمي، ص187، حامد اينڊ ڪمپني)

## يوم فاروقِ اعظم هيئن ملهايو

**پهرين محرم الحرام جنّتي صحابي اميرالمؤمنين حضرت سيّدنا عمرفاروقِ اعظم** رَضِیَ اللہُ عَنۡه **جي شهادت جو ڏهاڙو آهي، ان ڏينهن پاڻ** رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ **جي لاءِ ايصالِ ثواب جو اهتمام ڪيو پڻ اميراهلسنت حضرت علامہ مولانا الياس قادري جي رسالي ”ڪراماتِ فاروقِ اعظم“ جو مطالعو ڪيو، جيڪڏهن اوهان حضرت سيدنا فاروقِ اعظم** رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ **جي سيرت تفصيل سان پڙهڻ چاهيو ٿا تہ مڪتبة المدينہ جي 1720 صفحن تي مشتمل ڪتاب”فيضانِ فاروقِ اعظم حاصل ڪيو “**

**(دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ** ww.dawateislami.net **تان هن ڪتاب کي پڙهي بہ سگهجي ٿو، ڊائون لوڊ(Download) ۽ پرنٽ آؤٽ(PrintOut) بہ ڪري سگهجي ٿو.)**

## شبِ عاشورا ۾ غسل ڪيو

**عاشوراء** (يعني ڏھ محرم) جي رات اچي تہ غسل ڪيو چوتہ ان رات آب زم زم تمام پاڻين ۾ ملايو ويندو آھي ۽ ان رات غسل ڪرڻ سان پورو سال بيمارين کان حفاظت رھندي آھي. (النور في فضائل الايام والشھور، ص123)

## يوم عاشورا جا اعمال

**حضرتِ** سيّدنا امام عبدالرحمٰن بن علي جوزي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڏھ محرم تمام عظمت وارو ڏينھن آھي تنھنڪري مناسب آھي تہ جيتري قدر ممڪن ھجي چڱا ڪم ڪيا وڃن. ڀلائي جي انھن موسمن کي غنيمت سمجھو ۽ غفلت کان بچو. (التبصرة لابن جوزي ج2 ص8، دارالڪتب العلمية بيروت) جيئن تہ ھيءَ نيڪ ڪم ڪيو: (1) يوم عاشوراء جو روزو رکو ۽ ان سان گڏ نائين يا يارھين مُحرّم الحرام جو روزو بہ ملائي وٺو. (مسند امام احمد ج1 ص518، حديث:2154) (2) **حضرت سيدنا علي المُرتضٰي** رَضِيَ اللهُ عَنْهُ **جو فرمان آھي: عاشوراء جي ڏينھن جيڪو ھزار ڀيرا سورة اخلاص پڙھي تہ ان جي طرف رحمٰن(الله پاڪ) نظر فرمائيندو ۽ جنھن جي طرف رحمٰن نظر فرمائي ان کي ڪڏھن بہ عذاب نہ ڏيندو.** (النور في فضائل الايام والشھور، ص124) (3)عاشوراء ئي جي ڏينھن تي حضرت سيّدُنا آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي توبہ قبول ٿي تنھنڪري ھن ڏينھن توبہ ۽ استغفار ڪيو ۽ بارگاھِ اِلٰھي ۾ توبہ تي قائم رھڻ جي دعا گھرو. (لوامع الانوار ص259،دار ابن حزم بيروت) (4) عاشوراء جي ڏينھن خاص طور اِثمِدَ سرمو پايو ھن جي برڪت سان اکيون نہ اٿنديون.

**فرمانِ مصطفي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: **جيڪو** شخص عاشوراء جي ڏينهن اِثْمد سرمو اکين ۾ پائي ته ان جون اکيون ڪڏهن به نه اٿنديون. (شعب الايمان ج3 ص367، حديث:3797، دارالڪتب العلميه بيروت) (5) قبرن جي زيارت ڪيو. (6) (تي سگهي ته) خوفِ خدا سبب لڙڪ وهايو. (مرقع ڪليمي ص 190 ملتقطا)

## اکين پوين سيپني ٽناهن جي بخشش

**مڪّي مَدَني آقا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڀيري ڏهه محرّمُ الحرام تي جمعي جي نماز جي ادائيگي ڪان پوءِ مسجد نبوي ۾ هڪ ستون جي ويجهو تشريف فرما ٿيا. صحابي ابن صحابي حضرت سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ به پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پرسان ويٺا هئا. مؤذنِ رسول حضرت سيّدُنا بلال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ آذان ڏيڻ شروع ڪئي ۽ جڏهن ان ”اشهد ان محمداً رسول الله“ چيو ته حضرت سيّدُنا ابوبڪر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي ٻنهي آڱوٺن جي ننهن کي پنهنجي ٻنهي اکين تي رکيو ۽ چيو: ”قرة عيني بک يارسول الله“ (يارسول الله! اوهان سان منهنجي اکين جي ٺڍاڻ آهي) جڏهن حضرت سيّدُنا بلالِ حبشي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ آذان ڏئي چڪا ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:” اي ابوبڪر! جيڪو شخص ائين ڪري جيئن تو ڪيو الله ان جا اڳيان پويان گناه بخشي ڇڏيندو.“ (تفسير روح البيان ج7 ص229 ماخوذاً، داراحياء التراث العربي بيروت) حضرت سيّدُنا ابوبڪر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي هن من موهيندڙ ادا کي ادا ڪندي نه صرف عاشوراء جي ڏينهن بلڪ جڏهن به نامِ محمد ٻڌو ته آڱوٺا چمڻ جي عادت بنايو.

## رزق ۾ برڪت جو بهترين نسخو

**فرمانِ مصطفي** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ”**جيڪو** ڏهين محرم تي پنهنجي ٻارن جي خرچ ۾ ڪشادگي ڪندو تہ الله پاڪ سڄو سال ان کي فراخي (خوشحالي) ڏيندو.“ حضرت سيّدُنا سفيان فرمائن ٿا: اسان هن حديث جو تجربو ڪيو تہ ائين ئي ڏٺو. (مشڪاة المصابيح ج 1 ص365، حديث:1926، دارالڪتب العلميہ بيروت)

**حڪيم** الامت مفتي احمديار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: ”محرم جي ڏهين تاريخ تي پنهنجي ٻار ٻچن، نوڪر چاڪرن، فقيرن مسڪينن جي لاءِ مختلف قسمن جا کاڌا تيار ڪري تہ اِنۡ شَآءَاللّٰه سڄو سال انهن کاڌن ۾ برڪت ٿيندي، مُسلمان عاشوراء جي ڏينهن حليم (کچڙي) پچائيندا آهن، ان جو ماخذ هي حديث پاڪ آهي ڇوتہ حليم( کچڙي) ۾ هر کاڌو هوندو آهي، ڪڻڪ، گوشت ۽ دالِيون چانور وغيره تہ اِنۡ شَآءَاللّٰه حليم پچائڻ واري جي گهر انهن سيني کاڌن ۾ برڪت ٿيندي.“ وڌيڪ فرمائن ٿا: خيال رهي تہ عاشوراء جي ڏينهن پاڻ روزو رکو ۽ ٻارن ۽ فقيرن کي خوب کارايو پياريو انڪري جو هي حديث عاشوراء جي روزي جي خلاف ناهي. (مرآة المناجيح ج3ص115)

## يوم عاشوراء ۽ ڪربلا جو واقعو

**اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت!** ماهِ مُحرّم الحرام هر سال اسان کي شهداءِ ڪربلا ۽ خاص طور نواسہ رسول، سيّد الشهداء، امامِ عالي مقام حضرت سيّدُنا امام حُسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي ياد ڏياري ٿو، ڇوتہ 10 محرّم الحرام 61 سن هجري تي تاريخ اسلام ۾ حق و باطل جي

درميان هڪ عظيم معرڪو ٿيو جنهن کي ڪربلا جي واقعي جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو، هن ۾ شهداءِ ڪربلا جي استقامت پري انداز تمام اهلِ حق کي باطل جي سامهون ڄمي وڃڻ ۽ ضرورت پوڻ تي دينِ اسلام جي خاطر جان جو نذرانو پيش ڪرڻ جو عظيم الشان سبق ڏنو. جيڪڏهن حضرت سيّدُنا امام حسين يزيد جي بيعت ڪن ها ته اهو سڄو لشڪر سندن قدمن ۾ هجي ها، سندس جو احترام ڪيو وڃي ها، خزانن جا منهن کوليا وڃن ها ۽ دولت قدمن تي نڇاور ڪئي وڃي ها پر جنهن جي دل دنيا جي محبت کان خالي هجي  بلڪ خود دنيا جنهن جي گهر جي خادم هجي اهو هن دنيا جي رنگ ۽ روپ تي ڇو نظر وجهندو. حضرت سيّدُنا امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ دنيا جون راحتون نڪرائيندي راهِ حق ۾ ايندڙ مصيبتن جو خوش دلي سان استقبال ڪيو ۽ ايتري قدر آزمائشن جي باوجود يزيد پليد جهڙي فاسقِ مُعلَن (يعني اعلانيه گناهه ڪرڻ واري) شخص جي بيعت جو خيال به پنهنجي مبارڪ دل ۾ نه اچڻ ڏنو، پنهنجو گهر لٽائڻ ۽ پنهنجو رت وهائڻ منظور فرمايو پر اسلام جي عزت تي حرف به اچڻ نه ڏنو، خدا جو قسم! ميدانِ ڪربلا ۾ ڪربلا وارن جو اسلام جي خاطر پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪرڻ، رهندڙ دنيا تائين مُسلمانن جي لاءِ تمام وڏو سبق آهي.

قتلِ حسین اصل میں مرگِ یزید ہے  اسلام زندہ ہوتا ہے
ہر کربلا کے بعد

**ڪاش!** اسان به اهلبيتِ اطهار جي محبت و الفت کي دل ۾

سمائيندي، انهن جي مبارڪ سيرت تي عمل ڪندي دنيا ۽ آخرت ڪي روشن ڪيون ۽ الله پاڪ جي رضا ۽ خوشنودي حاصل ڪريون.

گھر لٹانا جان دینا کوئی تجھ سے سیکھ جائے جانِ عالم ہو فدا
اے خاندانِ اہلِ بیت
دولتِ دیدار پائی پاک جانیں بیچ کر
کربلا میں خوب ہی چمکی دکان اہلِ بیت

(ذوقِ نعت ص ۱۰۰)

## آئينءِ قيامت

برادرِ اعليٰ حضرت مولانا حسن رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪربلا جي واقعي متعلق هڪ ڪتاب" آئينءِ قيامت" تحرير فرمايو آهي، هن ڪتاب جي باري ۾ اعليٰ حضرت امام احمد رضاخان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مولانا شاهه عبدالعزيز صاحب جو ڪتاب جيڪو عربي ۾ آهي اهو يا حسن ميان مرحوم منهنجي ڀاءُ جو ڪتاب"آئينءِ قيامت" ۾ صحيح روايتون آهن انهن ڪي پڙهڻ ٻڌڻ گهرجي، باقي غلط روايتن جي پڙهڻ ڪان نه پڙهڻ ۽ نه ٻڌڻ بهتر آهي. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت 293، مڪتبة المدينه ڪراچي)

## فاتحه ڪهڙي شيءِ تي ڏياريون؟

حضرت مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ماهِ مُحرّم ۾ ڏهه ڏينهن تائين خاص طور ڏهين مُحرّم تي حضرت سيّدُنا امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ۽ ٻين شهداءِ ڪربلا ڪي ايصالِ ثواب ڪندا آهيون ڪوئي شربت تي فاتح ڏياريندو آهي، تہ ڪوئي کيرڻي تي، ڪوئي

منائي تي تہ ڪوئي ماني گوشت تي، جنهن تي چاهيو فاتحہ ڏياريو جائز آهي، انهن ڪي جهڙي طرح ايصالِ ثواب ڪريو مستحب آهي. ڪجهہ جاهلن ۾ مشهور آهي تہ محرم ۾ سواءِ شهداءِ ڪربلا جي ٻين جي فاتحہ نہ ڏياري وڃي انهن جو اهو خيال غلط آهي، جيئن ٻين ڏينهن ۾ سيني جي فاتحہ تي سگهي ٿي، هنن ڏينهن ۾ بہ ٿي سگهي ٿي. (بهارِ شريعت حصہ 3، 16ص644، مڪتبة المدينہ ڪراچي)

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منائي وغيره تي حضرات شهداءِ ڪرام جي نياز ڏيڻ بيشڪ اجر ۽ برڪتن جو سبب آهي ۽ عشرهء محرم شريف ان جي لاءِ وڌيڪ مناسب آهي. (فتاويٰ رضويہ ج9 ص598، رضا فاؤنديشن لاهور )

## شاه عبدالعزيز دهلوي جو معمول

حضرت علامہ شاه عبدالعزيز محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي گهر ۾ سال ۾ بہ محفلون ٿينديون هيون(1) محفلِ ميلاد(2) محفلِ شهادتِ امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهيءَ ٻي محفل جو ذڪر ڪندي فرمائن ٿا: اها محفل عاشوراء جي ڏينهن يا ان کان هڪ ڏينهن پهريان ٿيندي آهي،(ان ۾) چار پنج سؤ بلڪ هزار ماڻهو جمع هوندا آهن ۽ درود شريف پڙهندا آهن. ان ڪانپوءِ جڏهن هي فقير ايندو آهي تہ ماڻهو ويهندا آهن، حضرت سيّدنا امام حسن و حسين جا حديث شريف ۾ آيل فضائل بيان ڪيا ويندا آهن. پوءِ ختمِ قرآن پڙهيو ويندو آهي ۽ پنج آيتون پڙهي ڪاڏي جي جيڪا شيءِ موجود هوندي آهي اُن تي فاتحہ ڏني ويندي آهي. (فتاويٰ عزيزي ج1 ص104 بتغير قليل، دهلي)

## اميراهلسنت جي اهلبيت سان محبت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اميراهلسنت حضرت علامہ مولانا

محمدالياس عطار قادري رضويدَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عظيم عاشقِ صحابہ و اهلبيت آهن بلڪ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تہ لکين ڪروڙين عاشقانِ صحابہ ۽ اهلبيت بڻايا آهن، ان جي مثال پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جون ڪتابون ۽ ملفوظات آهن. اهلبيتِ اطهار جي محبتن ۽ انهن جي سيرت تي مشتمل اميراهلسنت جي هنن رسالن جو مطالعو ڪيو ڪراماتِ امام حسين، ڪربلا جو خوني منظر، حسيني گهوٽ، ڪرامات شير خدا، امام حسن جون30 حڪايتون. عاشوراء جي ڏينهن نذر ونياز جو اهتمام ڪرڻ سان گڏوگڏ وقت جي قرباني ڏئي شهيدانِ و اسيرانِ ڪربلا جي ايصالِ ثواب جي نيت سان 10،9،8 يا 11،10،9 مُحرّم الحرام تي مدني قافلي ۾ سفر بہ ڪيو، ان جون خوب خوب برڪتون حاصل ٿينديون. اِنْ شَآءَاللّٰه

ہر صحابیِ نبی! جنّتی جنّتی
سب صحابیات بھی! جنّتی جنّتی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

